# واڄٽَ ويرُاڳين جا

## سائين جي. ايم سيد ڏانهن

مِيان محمد امين کوسي جي لکيل خطن جو مجموعو

جلد پهريون - سال ١٩٣٨ع کان سال ١٩٦٦ع تائين

ترتيب ڏيندڙ:

عبدالواحد آريسر

۽

تاج جويو

سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت

حيدرآباد سنڌ.

١٩٨٧ع

# واڄٽ ويراڳين جا

ساڻين جي. ايم. سيد ڏانهن ميان محمد
امين کوسي جا لکيل خط- جلد پهريون
(١٩٣٨ع کان ١٩٦٦ع تائين)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# واجٿ وڏيراڪين جا

سائين جي. ايم. سيد ڏانهن ميان محمد
امين کوسي جا لکيل خط- جلد پهريون
(۱۹۳۸ع کان ۱۹۶۶ع تائين)

ترتيب ڏيندڙ
عبدالواحد آريسر
۽ تاج جويو



سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت
حيدرآباد سنڌ

۱۹۸۷ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڇاپو: پهريون     اپريل ١٩٨٧ع     ١٠٠٠ ڪاپيون
پاران     ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**قيمت ٥٠-٠٠ روپيا**

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

هيءُ ڪتاب آڪاش پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتي، حيدرآباد، مان ڇپائي، محمد ابراهيم جويي، سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، ٨-٣ منظور چيمبرس، حيدرآباد سنڌ، پاران شايع ڪيو.

www.sindhsalamat.com     books.sindhsalamat.com

# واڄٽ ويراڳين جا

## مضمونن جي فهرست

پيش لفظ — عبدالواحد آريسر ١
۽ تاج جويو
فصل پهريون: ميان محمد امين خان ٧
عبدالعزيز خان کوسي جي
حياتيءَ جو احوال
فصل ٻيو: ميان محمد امين کوسي جا خط، ٣٨
سال ١٩٣٨ع کان ١٩٦٠ع تائين
— جوابي خط ٨٠
فصل ٽيون: ميان محمد امين کوسي جا خط ٨٥
سال ١٩٦٥ع جا
— جوابي خط ٢٠٠
فصل چوٿون: ميان محمد امين کوسي جا خط ٢١٨
سال ١٩٦٦ع جا
— جوابي خط ٤٤٩

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# واڄٽ ويراڳين جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”واڇُٽَ ويراڳِين جا، مُون وَٽِ وَڏِي وَٽُ،
سُون سُپُوئِي سِڱِيونُ، ڀَسِي ڪِين ڪَمَٽُ،
ويساهِي ويلَ ڪَنهِين، ڀورَبَ ويندو ڀَٽُ،
هَلُ! ڪِنياٽُون هَٽُ، آءٌ نه جِيئَندِي اُن رِي.“

---

”واڇُٽَ ويراڳِين جا، مُون وٽ وڏو مالُ،
مَقالان مَهَند ٿيا، ڪونهي وٽن قالُ،
حاصِلُ جنين حالُ، آءٌ نه جِيئندي اُن رَيَ.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا خط مقدس ان احساس ناپسنديءَ جي ترجماني ٿا ڪن.
—جي. ايم. سيد

(۱)

....۱۹۳۸ع- بخدمت شريف، جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهه صاحب!

هي ننڍڙو مضمون موڪليان ٿو:

اوهان، جي پاڪ ۽ مقدس مراقبن ۾ ويٺا هوندؤ، آنهن کي هندستان ۽ سنڌ جي بکين، بي حالن، مظلومن ۽ بي دست وپا ماڻهن جي ڪهڙي پرواهه ۽ اونو!

اوهان جي روح کي اطمينان هوندو، قلب کي راحت هوندي، تهجد هوندا، نمازون هونديون، ۽ روزا هوندا !!

روزا، نمازون، ايءُ پڻ چڱو ڪم،
آ ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرين!

پلي! غريبن جي ڪمائيءَ تي، "نديءَ ڪناري" ويهي، "الله سان روح رهاڻ ڪريو."

پلي، سرمائيدارانه گهوڙها گاڙيو، پر، ڏجو آن ڏينهن ڪان جنهن ڏينهن هارين ۽ مزدورن جو آهني چنبو هوندو ۽ اوهان جا ڳلا هوندا!

اوهان جو الله، شال اوهان کي ڪا حقيقي "درد" ذري عطا ڪري! - امين.

[نوٽ: ۱۹۶۵ع ۾، مون ڪيس مقدس مٿيون خط ڏياري موڪليو، ۽ لکيو مانس:

"آن وقت آءٌ تهجدن ۽ نمازن ۾ هوس، تون پري هئين، جيئن تنهنجي خط مان معلوم ٿئي ٿو؛ ۽ هاڻ تون منهنجي مذهبي خيالات جي آزادانه اظهار تي، نڪته چيني ڪري رهيو آهين."
—جي. ايم. س.]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرف- سوڻ هارون، گزدر، شيخ صاحب، کهڙو، راشدي، مطلب ته سواءِ بنديءَ جي، سڀ هڪ طرف. هڪ آدمي جيترو ڪري سگهندو آهي، سو ڪيو. شهيدن جي رت سنڌ کي بچائڻ خاطر ڏنو. هٿ به عشق آهي ........................ هي خط نه ٿيو، هڪ دستاويز مرتب ٿيو.

در بزم تو مي خيزد افسانه ز افسانه!

-محمد امين کوسو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فصل ٽيون

## خط سال ١٩٦٥ع جا

هن فصل ۾ مرحوم محمد امين جي موڪليل ١٠٢ خطن مان ٦٨ خطن جو اختصار، ۽ سائين جي. ايم. سيد، جا ٩ خط ڏجن ٿا. (مرتب)

[نوٽ: ١٩٦٠ع کان ١٩٦٥ع تائين، آءٌ جيل ۽ نظربندين جي حوالي هوس. حالت هيءَ هئي، جو جسم نظربند، زبان تي تالا ۽ قلم تي سنسرشپ لاڳو هئي. تنهنڪري، برادرم ميان محمد امين خط و ڪتابت نه ڪري سگهيو. دردُ دل ۾ سانڍيندو ويو، جو نيٺ ١٩٦٥ع ۾، جڏهن به آءٌ نظربند هئس، پرنڌڙ جيل جهان ڦاٽسي، "لاوي" جي صورت ۾، هنن خطن ذريعي ظاهر ٿيو. هن هڪ سال ۾ گهڻائي خط لکيائين، پر مون وٽ ١٠٢ خط محفوظ ٿي سگهيا.

مرحوم جا خط اهڙا دل آويز آهن، جو هوند جملي پيش ڪجن، پر هيٺين ٽن سببن ڪري، اختصار تي اڪتفا ڪجي ٿي:

(١) مواد جي گهڻائيءَ ڪري، جملي خطن جو ڇپجڻ مشڪل ٿي پوي ها.

(٢) اڄڪلهه پنو ۽ ڇپائي، گران ٿيڻ ڪري، خرچ تمام وڏي وڃي ها.

(٣) اڪثر ماڻهو، وڏن ڪتابن ۽ گهڻي مواد پڙهڻ جا عادي نه آهن. وقت جي گهڻتائيءَ ڪري، ننڍا مضمون پڙهڻ پسند ڪن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

.... ...... سنڌ ھاڻوڪي گران خوابين مان ٻه جلد بيدار
ٿي سگھندي، آھي ڪو جو توکي رحم ڏياري سگھي؟
— محمدامين کوسو

(٢٢)

٢٢-١٢-١٩٦٥ع
جناب حضرت شاھه صاحب!
.... ..... مير جعفرخان جمالي، جنھن اوستي محمد ۾، منھنجو مٿو ڦاڙايو ھو، سو منھنجي ڏسي خاندان جو حليف ۽ مددگار آھي. ھن وقت تائين ھو ليگ ٿي ٻڌيو بيٺو آھي. ڪٿي جي پچ ڪي ٻارھن مھينا نڙ ۾ وڏو ھٿائون، تڏھن به سڌو ڪونه ٿيو ھو. ميرصاحب ڪي ڪا غيرت ڪاله آھي— وڏيڪ ڇا چئون؟ — ھڪ نه ته ٻي ليگ— لعنت بر ھمه ليگ! سواءِ چگن ماڻھن جي، جيڪي اُن ۾ شامل آھن يا ھئا. ..........
— محمد امين کوسو.

(٢٣)

٢٣-١١-١٩٦٥ع
قبلا حضرت جي.ايم. شاھه صاحب!
فخر سنڌ ۽ ھند، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ حضرت جي.ايم شاھه جون سياسي عظمتون، خود ھنن جي پنھنجي احساس ۾ ٿي نه آھن. حضرت شيخ صاحب سياست ۾ موحد آھي. سيني شرڪن کان پاڪ آھي، ڪنھن جو پوئلڳ ڪونه آھي. ھر ضد ۽ ڪاوڙ سبب غلطيون ڪيون اٿس. ھندستان جي سياستدانن تي نگاھه ڪجي، ته سواءِ حضرت سيد ابوالحسن تاج محمد امروٽي ۽ حضرت مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي ڪوبه ان راھه ۾ ڪانگس اڳيرو ڪونه آھي. گانڌي- نھرو؟ آھا! ماڻھن کي فھم ڪونه

۽ رکندڙ، عبيدالله سنڌي جهڙو اچوڪيءَ سنڌ ۾ رونق افروز آهي....

- محمد امين کوسو.

(٢٤)

٢٤-١١-١٩٦٥ع

حضرت قبلا جي.ايم شاهه!

توهان ڪنج تنهائيءَ ۾ بادشاهي ڪندو رهو ۽ سنڌ سڄي بنديخانو بڻجي وڃي!

روح جاتي آزاد نه هجي، قالب جاتي پابند هجي، آتي رهائش لاءِ آدمي ائين ئي ڪي طريقا ڳولي ڪيندو آهي، جيئن مان ڪري رهيو آهيان؛ تنوڏي خطوط جو اڻ کٽ سلسلو شروع ڪري ڏنو اٿم.

مان وٽ ته، سنڌ ڪعبي سان ملائيندڙ ۽ دين رسول الله ۾ دجڻ جو سبب آهي؛ سنڌ نه هجي ها، ته مان مسلمان نه رهي سگهان ها. منهنجي مٺي محبوب سائينءَ جي پيدائش سنڌ ۽ سندس جسم اقدس سنڌ ۾ ئي موجود آهي ــــ! منهنجي سنڌ پرستيءَ سان ڪير مقابلو ڪري سگهندو؟ بين الاقوامي ديني سياست جو مرڪز واقعي ۽ حقيقتاً سنڌ ئي آهي. دين جو پهلو حضرت پير سائين ۽ حضرت مولانا پيڙو، سياست ۾ جي.ايم. شاهه ۽ فخر سنڌ و هند شيخ عبدالمجيد سنڌي .محض مردم ڪشي ته دين جي خدمت ڪانهه آهي........... هيءَ اونده، جنهن ۾ ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي، سا ته ختم ٿئي. اها ڪاري رات ۽ اها اونده جي ۽ ادر چاڪ ڪندڙ طاقت، هن وقت صرف ”سن“ ۾ آهي.

ـــ محمد امين کوسو.

(٢٧)

ڊپٽي ڪمشنر آفيس، جيڪب آباد،
٢٥-١١-١٩٦٥ع
حضرت شاهه صاحب!

.......... ڪهڙو نه اهم موضوع آهي مورخ لاءِ، هاڻوڪي ٻن ڏهاڪن سو سالن جي سياست ۽ ان ۾ سياستدانن جو درجو ۽ مقام ــــ! توهان تاريخ جو شاگرد نه رهيو آهيو، مان وٽ اهم اهي تاڻيون تاريخ ۽ سياست جو مضمون ٻه هئو، وري خود تاريخ ساز به ٿيوس. انگريزن کي هندستان مان ڪڍڻ جي آخرين باب ۾ منهنجو ڏي ته اهم ڪردار آهي. جو ڪنهن نه لکيو، خود تو به نه لکيو.

زميندار هوٽل کان حيدر منزل طرف... بي تحاشا شب و روز گهمرا، پنڌ ۽ طواف!!

الهه بخش جي طاقت جو اصلي سبب، مان ـ منهنجي اصلي طاقت جو سبب منهنجو مٺو محبوب سائين ۽ ٻي سموري سنڌ، يعني جي ايم سيد ۽ شيخ صاحب جي محبت!

سنڌ ۾ الهه بخش ته لکياڻون، پر الهه بخش ڪنهن جي نمائندگي ڪندو هو، اهو ڪنهن به ڪونه لکيو.

سنڌس قبر به مان لاءِ آن ساڳيءَ جيئري جاڳندي نماڻائيءَ، نهٺائيءَ ۽ محبت جو اظهار ڪندي آهي.

ـــ محمدامين کوسو

(٢٨)

٢٥-١١-١٩٦٥ع
حضرت قبلا شاهه صاحب!

سيد سڳورا! جيڪو مان لکان ٿو، چوان ٿو، اهو آهين ته برابر توهان، پر محمدابراهيم جويي جي وايا نه! ادب ۾ مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪومتن ڪنهن جي دل ۽ دماغ ڪـي ڪُنجي ڪانه هنئي آهي. بلڪ سنڌ جي عام جهالت (جهالت مان مراد سنڌ اندر ته پڙهيل گرئجوئيٽ فردن جي جهالت آهي) کي خيال ۾ نه رکي، ڪنهن حڪومت کي هن تي آماده ڪرڻ بـہ بلڪل سهل ۽ آسان آهي، ته سنڌ جو سچو سارو سرمايو، اهو جي.ايم شاهه آهي ......... پر هيڏي ساري انسانن واري سنڌ، ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين، غفلت ۽ بي حسيءَ جي چادر تائيون، اگهور ننڊ ۽ نشي ۾ سُتي پيئي آهيـ آهه! غفلت شعار سنڌ! تحسن ڪش، احسان فراموش سنڌ!!.........

ـــ محمدامين کوسو.

(٥٩)

٢٤-١٢-١٩٦٥ع

حضرت قبلا جي. ايم. شاهه!

توڏي لکندڙ قلم سان هڪ نامعقول ملان ڏي ٻه چار سٽون لکيم، ته قلم اڌ مان ڀڄي پيوـــ

نئون قلم وٺان، ان کي توڏي لکيل خطن مان آسهايان، نڌهن وجي کو ٻجي.

تنهنجي تندرستيءَ جي احوال جو بيحد انتظار رهندو آهيـ

ايتري دير؟ روزانو لکندو ڪر.

ـــ محمدامين کوسو

(٦٠)

٢٧-١٢-١٩٦٥ع.

بحضور جي.ايم سيد صاحب!

مڪتوب گرامي ٢٤-١٢-١٩٦٥ع جو باعـث صدافتخار ٿيو. الله ڪو توکي اِن باري ۾ وڌيڪ سخي فرمائي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعذير جرم عشق هي بيڪار محتسب!
بڑهتا هي اور ذوق گنه يان سزا کي بعد
واري معاملي کي ڪير پهچي؟
چو بيخود گشت حافظ ڪي شمارد
به يڪ جو مملڪت ڪائوس ڪي را
اميد ته خوش و خرم هوندا. اڳتي ته ڀلي اچو جي ڪثرت ڪاروبار ڪري واندڪائي نه ٿئي ته پري کان دعا ڪندا رهندا.

گرچه دورم از بساطم قرب همت دور نيست
زياده خير والسلام، غلام مرتضيٰ

(۲)

سن، ۱۳-۱۱-۱۹۶۵ع، برادرم محمد امين،
السلام عليڪم. سرڪار نامدار مهرباني فرمائي، ڪنج عافيت عطا فرمائي آهي. آن ۾ هرويرو چو ٿا خلل انداز ٿيو.

ملڪ آزادگي و ڪنج قناعت گنجي است
ڪه به شمشير ميسر نه شود سلطان را

تنهنجي مون سان واقفيت سياسي دنيا ۾ ٿي، نه مذهبي دنيا ۾. آن ۾ باوجود شخصي تعلقات جي، طريقه‌ڪار علاحده رهيا. هن وقت آءٌ سياست کان ٻاهر، ڪنج عافيت ۾ رهندڙ آهيان. آن ۾ پراڻيون ڳالهيون چوري، ستا سور نه جاڳاءِ!

ڏاڍي چڙهي ڏار ني، ڪي جو ڪانگ ڪهيو،
سوريتيءَ سور، ٻڌي، ٻهو ڀت ڪيو،
ڪاسي ارٿ ڪنيو، ويچاريءَ ورونهن سان!
(شاهه)

تعجب کان ساڏا ست سال ٿيا آهن جو منهنجو تعلق لٽل آهي. پاشانيءَ سان انهي وقت کان تعلق ڪونه رهيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واٽون وڃڻ لِيون، ڪَنهن ڄاڻان ڪهڙيءَ ويا!

اوهان کي جيڪڏهن پنهنجي مرشد ۽ معلم جي ڏسيل واٽ پسند آهي ته بسم الله، پر سلوڪ جي راهه ۾ اها ڳالهه ڪفر سمان آهي، جو صرف پنهنجي راهه کي صحيح ۽ سڌي سمجهجي. قرآن شريف فرمائي ٿو ته ”لڪم دينڪم ولي دين“.

شاهه صاحب فرمائي ٿو ته ”عين شرڪ ايءُ، جو بي شرڪ پاڻهين پاڻ ڪي!“

جان جان پسين پاڻ ڪي، تان تان ناهه سجود،
وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبير چئو!

اسان جي استادن نابوديءَ جو سبق ڏنو آهي. چئي:

خودي ۽ خدا، ڪين ماپندا من ۾،
بِن ترارين جاءِ، ڪانهي هڪ مياڻ ۾!

---

جنين پاتيو پاڻ، ڪياٿون تِوائي تن کي (شاهه)

---

نابوديءَ نِهي، عبد ڪــي اهلي ڪيو،
ســورت ۾ مخفي ٿيا، صورت پــڻ سوئي
ڪجي آت ڪوهي، ڳالهه پريان جي ڳجهه ۾! (شاهه)

اسان کي وحدت الوجود جو سبق سيکاريل آهي. جنهن موجب:

مون کي اکــڙين، وڏا ٿورا لائيا،
ته پڻ پرين پسن، ڪٿان جي ڪر ساهون!

اوهان کي اوهان جو اسلام نيبهه هجي، جنهن ۾ خدا به اوهان کان پري ڪم ڪندو، ته پڌام تنهنجو چوڻ ڇا آهي؟
اسان کي ته هيءَ سبق سيکاريو ويو آهي ته

واڳ ڌڻيءَ جي وس، آءٌ ڪا پاڻ وهيٺي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون سان مهرباني ڪري، مذهب جي معاملي ۾ گفتگو نه ڪر. جي ڪرين ته شاهه لطيف جي نصيحت پڙهي، پوءِ گفتگو ڪج!

جي وڃو هئين ته ويهه، نه ته وڃيو وات ونءِ تون،
هيءَ تنهن جو ڏيهه، ڪاتي جنين هٿ ۾!

اسان کي شاهه سائينءَ اهو سبق ڏنو آهي ته

ڏسڻ جي ڏسين، ته همه کي حق چئون،
شارڪ شڪ نه نين، انڌا انهيءَ ڳالهه ۾!

پيغمبر حق جو جيڪو ڏهن اوهان نالو وڌو ٿا، ته مهرباني ڪري پڙهو ته آن سان نه صرف اوهان ۾ اقبال جو لاڳاپو آهي، پر مون ۾ حسين احمد جو پلاند به ڳنڍيل آهي.

جيڪي ڏٺو هو مون، آربائي، اوهان نه ڏٺو هو!
(شاهه)

هيءَ نينهن جو ناتو نهايت نازڪ آهي. اهو نه خطن ذريعي، نه بحث ذريعي حل ٿي سگهي ٿو. خواجه حافظ ڪهڙو اڪ چٽي ويو آهي ته

حديث مطرب و مي گو و راز دهر ڪمتر جو،
ڪه ڪس نه ڪشود نه ڪشايد به حڪمت اين معما را!

عالم آهه سان، پريو تو پرڀون ڪري،
پاڻ نه آهي جهان، ماڻهيءَ منڊ پکوڙيو!

اميد ته خوش و خرم هوندا. خط پاڻي لکندا رهو، پر مهرباني ڪري مذهبي ڳالهه نه ڇيڙيو.

زياده خير و السلام ـــ غلام مرتضي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣)

ص ن، ٢٠-١١-١٩٦٥ع

درکنا تقرير کی لذت کہ جو اُس نے کہا،
مين نے يہ جانا کہ گويا ميری دل ۾ هي

برادرم عزيز ميان محمد امين!

السلام عليکم. باوجود منع ڪرڻ جي به جند نٿو ڇڏين. هاڻ ته تہ پڙهايان ٿو! تنهنجي هاڻوڪي آيل مڙني خطن ۾ مطلب جا چار جملا آهن:

(١) تو کي گهڻي وقت کان منهنجي فڪر ۽ عمل ۾ ڪي خاميون ڏسڻ ۾ اچي آيون آهن، پر باوجود ڪوشش جي تون انهن کي درست ڪرائي نه سگهيو آهين.

(٢) باوجود انهن خامين جي تو مون ۾ ڪي صلاحيتون ڏٺيون آهن، جن مان انسان ذات جي ڀلي ٿيڻ جو امڪان آهي.

(٣) تو کي اقبال سان، حسين احمد مدنيءَ کان وڌيڪ دلچسپي آهي.

(٤) تون وقت جي حاڪمن سان رغبت پيدا ڪري، کين صحيح راه کان واقف ڪرڻ جي ضرورت محسوس ڪرين ٿو.

انهن ڳالهين بابت منهنجا جواب هيٺيان آهن:

پهرئين فقري جو جواب:

هيئن ۽ خامين کان ڪير پاڪ آهي؟ مون کي جڏهن واقفيت ۽ تجربو گهٽ هو ته پنهنجي خامين جو پتو ڪونه هوم. هاڻي ٿورو ٿورو پتو پوڻ لڳو اٿم. پر عيبن جو پتو پوڻ جدا ڳالهه آهي، راهه هدايت جو علم جدا مسئلو آهي. اها هدايت نه توکان ملي سگهي اٿم، نه ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ ميسر ڪري ڏني اٿم.

تائين ١٦٧ مشاهير سنڌ جي حياتيءَ جو احوال قلمبند ڪري چڪو آهيان. آنهن مان پنجن جي حياتيءَ جو احوال ملاحظي لاءِ موڪليان ٿو، جيئن اوهان کي پتو پئجي سگهي ته مختصر ڪهڙيءَ طرح سنڌ جي مختلف ماڻهن جي زندگيءَ کي قلمبند ڪري رهيو آهيان.

اوهان پنهنجي نسبت ٢٤ تاريخ واري ڳهريل احول کان واقف ڪندا. ڊيگهه نه ڪجي. سوالن جا جواب ملڻ گهرجن.

١- اوهان کي ڀاءُ ڪيترا آهن. سندن نالا؟

٢- اوهان کي اولاد ڪهڙو آهي؟

زياده خير و السلام، غلام مرتضيٰ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. گڏهه هميشہ رهندا آهن ۽ انهن گڏهن کان ڪم وٺڻ واسطي فڪر انسانيءَ کان باموقعي ڪم ورتو آهي. اُن جو نالو تدبر، اُن جو نالو حڪمت عملي آهي.......

تنهنجي نظربندي مان کي ڏٺي وڏي، تڪليف رسي ٿي. ربتا مان وٽ سڀ ڪلول آهن، پر پابند به آهيان. توکي آزاريندڙ رهي سگهندوئي ڪونه! اهو به ڪري ڇڏيان، مگر شريعت جي حدود کي لتاڙڻ جو به خيال دامنگير هوندو آهي.

— محمد امين کوسو.

(١٢)

عزيزآباد، انڙ واهه ٢١-١٠-١٩٦٦ع.

حضرت قبلا جي-ايم- شاهه!

......... الله توکي تا دير سلامت ۽ خوش رکي! تنهنجي نالي مان سنڌ کي وري گلزار بڻائڻ لاءِ هي مضامين غيب کان اچي رهيا آهن، صدين ۾ نو پارا ڪن خوشقسمت قومن ۽ ملڪن کي ملندا آهن. پر آهه! اُن قوم ۽ ملڪ جي بدقسمتي، جو وڏن تو پارا به هجن ۽ پاڻ کي ڇاڻي والي يا بيخبريءَ سبب آنهن جي قدر ۽ قيمت کان محروم ڪن! تنهنجي در جي پاهران سنڌ پرستيءَ جا ميلا لڳائيجن. جيئن مان هنن خطوط ذريعي لڳايون اچان ٿو.

سنڌ جي نجات جي ڪنجي، پڻ وٽ نہ خود سنڌ وٽ آهي. سنڌ ئي باب الاسلام آهي. سنڌ ئي دنيا جي اندر ديني احيا جي سياست جو مرڪز ٿيندو. پاڪستان کي سنڌ جي پناهه هئي.... .........

— محمدامين کوسو.

(٦٩)

٦-٤-١٩٦٦ع حضرت سيد اعظم!

منهنجي خطن جو تو ڏانهن قريب قريب موضوع ئي هڪ آهي، يعني: تنهنجي ذات! سنڌ جو مالڪ، والي وارث، ڪرتاڌرتا، شاهن جو شاهه، آدم ذات جي هن دور انحطاط اندر سنڌس قسمتن ۾ ڦيرو آڻيندڙ اهم ترين شخصيت ۽ صلاحيتن وارو سڏيو ويو آهين!

هي خط ڪهڙين اندروني وجد ۽ رقص جي حالتن ۾ لکيا ويا آهن، ڪو صاحبدل هجي، ته اَن کي پتو پوندو ته ههڙيون فتوائون بي معنيٰ ۽ لغو الفاظ نه هونديون آهن. معنائون ۽ حقيقتون، جن کي پوري انسانذات کي ڦيرڻ جي طاقت نه آهي، هي رکن ٿيون! وقتي ۽ هنگامي معاملات هنن خطوط جا نه آهن. سياستون، حڪمتون، ملڪ گيريون ۽ محض هوسن کي پوري ڪرڻ وارن جو ذڪر اذڪار نه آهي ........

”شخص واحد“ هن ائٽم بمن جي دور ۾ اخلاقيات ۽ روحانيت سان پريل نظام حڪومت دنيا جي چئن ڪنڊن ۾ ڦهلائي رکي، اهو تون ئي چيو ويو آهين! ظاهر آهي ته تائيد ايزدي ءَ کان سواءِ هڪ ناتوان انسان ايڏو ڪم ڪيئن ڪري سگهندو؟ مطلب ته هنن خطن جو اهو ته تائيد ايزدي حاصل ٿيندي ئي تو سيد اعظم جي- ايم- سيد جي ذريعي. ڪارخانه قدرت جي ڪارپردازين کي ائين ئي بي نقاب ڪرڻ جو مان عاجز، هيڻو ۽ گنهگار، حقدار پاڻهوُن ڪونه آهيان ........

........ منهنجي پير صاحب پرچوندي شريف ۽ امام الوقت حضرت مولانا عبيدالله سنڌي، انهن جي زور، انهن جي طاقت، اُنهن جي تصرف تي مڪمل ڀروسو رکي، توکي ئي عالم انسانيت ۾ انقلاب آڻڻ جون دعوتون هتان مان مسڪين وٽان ملن ٿيون.

الله پاڪ پاڻهن تي بيحد مهربان آهي، پر سنڌس مهربانين کي حاصل ڪرڻ لاءِ بہ ڪن قاعدن ۽ قانونن جي پابندي ڪرڻي پوندي آهي. تو ملڪ ۽ قوم جي عزت بچائيندڙ قوانين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۳) سيد حيدر عليہ رحمة، (۴) شــاہ عبدالڪريم عليہ رحمة، (۵) شاہ عنايت عليہ رحمة، (٦) شاہ لطيف عليہ رحمة، (۷) سچل سرمست عليہ رحمة، (۸) سيد عالي شاہ، ٺٽو، (۹) پير صاحب، پرچونڊي شريف.

۳ـ سنڌ جي مکيہ هيروز جا احـوال ڪٺا ڪري، انهن جي اکڻ ۽ ڇپائڻ جي تجويز زير غور آهي:

(۱) دودو سومرو، (۲) نواب دريا خان، (۳) مخدوم بلاول، (۴) سيد حيدر، (۵) مير شير محمد خان ٽالپر، (٦) رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي، (۷) مولانا عبيدالله سنڌي، (۸) سيٺ هرچندراءِ وشنداس، (۹) مسٽر جمشيد ميهتا، (۱۰) الهہ بخش مرحوم، (۱۱) شيخ عبدالمجيد سنڌي.

ازانسواءِ سنڌ جي پيغام جـي پکيڙڻ لاءِ سنڌ ۾ ثقافتي ڪانفرنسن جو پروگرام رٿيل آهي. (۱) ۲۳ جون ۱۹٦٦ع ٺٽي ۾، سيد عالي شاہ عليہ الرحمة جي عرس جي موقعي تي ڪانفرنس زيرصدارت حسام الدين شاہ؛ (۲) ۱ـ۲ـ آگسٽ ۱۹٦٦ع ڀـياپور جي پير ۾ سيد داد شهيد جي عرس تـي ڪانفرنس ـ زيرصدارت شيخ عبدالمجيد؛ (۳) ۱۲ـ۱۳ـ آڪٽوبر ۱۹٦٦ع جهوڪ شريف ۾ شاہ عنايت جي درگاہ تي ڪانفرنس ـ صدر مقرر ڪبو؛ (۴) ۱ـ۲ـ ڊسمبر ۱۹٦٦ع، سيوهڻ شريف ۾ قلندر شهباز جي درگاہ تي ڪانفرنس ـ صدر مقرر ڪبو.

جيڪڏهن جنوريءَ جي وچ ڌاري يا فبروريءَ جي اول ۾ اوهان حڪم ڪندا، تہ اوهان جي ڳوٺ يـا جيڪب آباد ۾ سڀ گڏ ٿي سگهنداسون. اوهان جو اهـڙن موقعن تي هئڻ ضروري آهي.

ـ غلام مرتضيٰ

(۱۲)

برادرم ميان محمد امين صاحب!

السلام عليڪم. اوهان جي زندگيءَ جو احوال ڇپجڻ لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي ديني سياست جي قيام لاءِ لائق ۽ صالح سمجهڻ.

(٤) مون کي باوجود جسمي نظربنديءَ جي آزاد سمجهڻ.

(٥) منهنجي سياست مان رٽائرڊ ٿيڻ جي باوجود سياسي مرڪز سمجهڻ.

(٦) نااميديءَ کي اوڏو ڏسڻ.

(٧) بي دينيءَ ۾ دين پرکڻ ۽ دين ۾ بيديني ڏسڻ.

تون چاڻين، تنهنجا ڪم- منهنجي اتي پڇندي ڪانهه آهي.

اميد ته خوش خرم هوندين.

زياده خير و السلام،

غلام مرتضيٰ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو. پَر اسان اِنهن سڀني ۾ ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسُل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، پَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‍ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَرَ نِصابي ڪتابن سان گَڏوگَڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوءِ چالاءِ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياکي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book